# مائوزي تونگ:
# تاريخ ساز شخصيت

( Mao the Peoples Emperor تان ورتل ) ترتيب: فياض نائچ

---

26 ڊسمبر مائوزي تونگ جي ڄمڻ جي تاريخ آهي. هو 26 ڊسمبر 1893ع تي ”سينٽرل چائنا“ (وچ چين) ۾ ڄائو. مائو تمام وڏو ماڻهو آهي، تاريخ ۾ سندس نالو هميشہ ياد رکيو ويندو. هر وڏي ماڻهو وانگر سندس دوستن، خيرخواهن ۽ کيس Follow ڪندڙ (پوئلڳ) ماڻهن جي انبوهہ سان گڏ سندس بدخواهہ ۽ دشمنن جو وڏو تعداد هن سان گڏ هيو ۽ آهي.

مائوءَ جي زماني ۾ ئي، ٻئي ڪميونسٽ رياستون روس ۽ چين پاڻ ۾ نہ ٺهنديون هيون. اسٽالن، مائوءَ بابت چيو هيو تہ، ”هي مکڻ لڳل مارڪسٽ آهي.“ جڏهن تہ خروشچوف هن کي ”سرمائيدارن جو ايجنٽ“ چوندو هيو. ان تي اوپر جرمني جي هڪ فلاسافر چيو هيو تہ، ”خروشين معاشيات جي ڪچڙي آهي، جڏهن تہ مائو هڪ مفڪر آهي.“ هڪ ٻئي دانشور چيو تہ ”اڄ جي دور ۾ اسان کي آدرشن جي ضرورت آهي ۽ اهي صرف هڪڙي هنڌان ملي سگهن ٿا، صرف مائوءَ وٽان، نہ ڪي خروشين وٽان.“

ڪاسترو هن کي سنو ماڻهو نہ سمجهندو هيو. هن جو چوڻ هيو تہ، ”مائو هڪ فاني ٽيندڙ بيوقوف آهي، جنهن کي هن جي پارٽي خدا ناهي جڙيو آهي.“ چليءَ جي عوام دوست، انقلابي شاعر پئبلو نرودا، مائوءَ کي جيئرو جاڳندو ٻُڌ سمجهندو هيو. ٽئين دنيا جي اڪثر ملڪن جي عوام کيس هيرو سمجهندي هئي ۽ سمجهندي آهي.

سوئيڪارنو (انڊونيشيا) ۽ پنو، مائو جا شيدائي هئا. اهو ماڻهو جيڪو غريب هاريءَ جو پٽ هيو، جنهن جي پيءُ ڪي اڍائي ايڪڙ زمين هئي ۽ ننڍي هوندي مال چاريندو هيو ۽ زمين تي ڪم ڪندو هيو، اُن ماڻهوءَ ڌرتيءَ جي گولي تي آباد سموري انساني آبادي جي چوٿين حصي تي هڪ صدي جي چوٿين حصي تائين حڪومت ڪئي. پر اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ کيس ڇا ڇا نه سَهڻو پيو. چيانگ ڪائي شيڪ سان Civil War (گهَرو ويڙهه) دوران سندس ٻه ڀائر، هڪ ڀيڻ، سؤٽ، سندس پهرين زال ۽ ڪيترائي ويجها دوست مارجي ويا. هن جو وڏو پٽ ڪوريا واري جنگ ۾ مارجي ويو. سندس ٻي زال ۽ ٻيو پٽ چريا ٿي ويا. سندس ٽئين زال، ٻه نياڻيون ۽ هڪ ڀائٽيو، مائو جي مرڻ کان پوءِ گرفتار ڪيا ويا.

مائوءَ جو ننڍپڻ ٻه عجيب ۽ دلچسپ هيو. مون کي ته حيرت ٿي ته ايڏي وڏي ماڻهو جو ننڍپڻ ائين عام ٻارڙن جي ننڍپڻ وانگر هيو. مائوءَ جو پيءُ تمام سخت قسم جو ماڻهو هيو. هو کيس اڪثر مار ڏيندو هيو ۽ ٿوري گهڻي ڳالهه تي دڙڪا ڏيڻ ته سندس روٽين Routine (معمول) هيو. مائوءَ چواڻي، ”هن ۾ رحم جو جذبو بلڪل ڪونه هيو. هو ڪنهن به مذهب کي ڪونه مڃيندو هيو.“

مائو پوءِ جڏهن چين جو سربراهه هيو، ان هڪ Red Guard (چين جي عوامي انقلابي فوج جي سپاهين کي ريڊ گارڊ چيو ويندو آهي) کي چيو ته، ”اڄ جيڪڏهن منهنجو پيءُ جيئرو هجي ها ته کيس Jet Plane Ride واري سزا ڏني وڃي ها.“ (جيٽ پلين رائيڊ ڪن ڪوشي. يا جيئن استاد ٻارن کي ڪڪڙ ٻڌائيندا آهن، ان قسم جي سزا جو هڪ طريقو آهي، جيڪو ثقافتي انقلاب دوران Red Guard انقلاب دشمنن کي ڏيندا هئا.) مائوءَ پنهنجي يادگيرين ۾ پنهنجي پيءُ بابت ٻڌايو ته، ”منهنجو پيءُ بخيل، ڪنجوس ۽ سخت مزاج جو ماڻهو هيو. هو مون کي ۽ منهنجي ڀائرن کي اڪثر ماريندو هيو ۽ اسان کي خرچڻ لاءِ پئسا بلڪل نه ڏيندو هيو ۽ اسان کي ماني به گهٽ ڏيندو هيو. هر مهيني جي 15 تاريخ تي هو پنهنجي مزدورن کي ماني جي معاملي ۾ رعايت ڏيندو هيو ۽ کين چانورن سان گڏ آنا به ڏيندو هيو، پر هن ڪڏهن به اسان ڀائرن کي کائڻ لاءِ گوشت يا آنا ڪونه ڏنا.“ هن پنهنجي پيءُ بابت وڌيڪ چيو ته، ”منهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ سندس آخري رسمن ۾ شرڪت لاءِ تمام گهٽ ماڻهو آيا. جڏهن ته منهنجي ماءُ جي آخري رسمن ۾ تمام گهڻا ماڻهو آيا.“

مائوءَ جي ماءُ سخي، همدرد ۽ هڪ مهربان عورت هئي. هوءَ اڪثر غريبن ۽ مزدورن جي مدد ڪندي هئي، پر جڏهن مائوءَ جو پيءُ موجود هوندو هيو، ان وقت هوءَ

ڪنهن کي ڪجھ بہ نہ ڏئي سگھندي هئي. چاڪاڻ تہ هو ڪاوڙ ڪندو هيو. هوءَ مائو ۽ ان جي پائرن کي مذهبي ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. هوءَ شڪل ۾ بہ خوبصورت هئي. مائوءَ جي شڪل بہ سندس پيءُ جي پيٽ ۾ سندس ماءُ سان وڌيل ملندي هئي.

مائو اجان ڇهن سالن جو ئي هيو تہ ڪيس پيءُ پاڻ سان گڏ ٻنيءَ تي وٺي ويندو هيو. جتي هو جهار هڪليندو هيو، مال چاريندو هيو ۽ ٻنيءَ تي ٻيا هلڪا ڦلڪا ڪم ڪندو هيو. مائو جڏهن اٺن سالن جو ٿيو تہ ڪيس سندس ڳوٺ ”سوشان“ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، پر اسڪول ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ بہ ڪيس گهر ۽ ٻنيءَ جا ڪم ڪرڻا پوندا هئا. بقول مائوءَ جي تہ هو صبح جو سوير ۽ شام ڪان وٺي رات تائين ٻنيءَ جو ڪم ڪندو هيو ۽ سڄو ڏينهن اسڪول ۾ پڙهندو هيو. مائو جڏهن ڏهن سالن جو هيو تہ هو پنهنجي اسڪول جي هڪ سخت مزاج استاد جي پؤ ڪان اسڪول مان ڀڄي ويو. گهر وارن جي خوف ڪان گهر بہ نہ ويو. ائين ڳوٺ جي ٻاهران ٽن ڏينهن تائين رلندو رهيو. نيٺ ٽئين ڏينهن ڪيس گهر وارا ڳولي وٺي آيا.

مائو روزانو منجهند جي ماني اسڪول ڪٽي ويندو هيو. ڪجھ عرصي ڪان پوءِ سندس ماءُ نوٽ ڪيو تہ مائو اسڪول ڪان موٽڻ ڪان پوءِ بہ گهڻي ماني ڪائيندو آهي. هڪ ڏينهن هن ڪانئس پڇيو تہ، ”پٽ! اسڪول ڪان موٽڻ ڪان پوءِ تون ايتري ماني ڇو ٿو ڪائين؟“ مائوءَ ڪيس ٻڌايو تہ، ”اسان جي اسڪول ۾ هاڻ هڪڙو نئون ڇوڪرو داخل ٿيو آهي، هو غريب جو ٻار آهي، تنهنڪري هو پنهنجي ماني نہ ڪٽي ايندو آهي. آئون هن کي پاڻ سان گڏ ماني ڪارائيندو آهيان.“ ان ڪان پوءِ سندس ماءُ وڌيڪ ماني ڏيندي هيس، تہ جيئن ٻن ماڻهن جي پيٽ پرڻ لاءِ ڪافي ٿئي.

مائوءَ جو پڙهائيءَ ڏانهن رَويو اهو هيو جو هُو اسڪول ۾ جاگرافي، سائنس ۽ رياضي پڙهڻ بدران پراڻين بغاوتن ۽ رومانسز جا ناول پڙهندو هيو. سندس استادن کي هن جو اهو رَويو نہ وڻندو هيو. هو ڪيس روڪيندا هئا. مائو چا ڪندو هيو جو اسڪول جي ڪورس جو ڪتاب ٻاهران ڏئي ان ۾ ڪو ناول لڪائي پڙهندو هيو. رات جو بہ هو پنهنجي ڪمري جي دريءَ مٿان ڪمبل ڏيئي دير تائين پڙهندو هيو، چاڪاڻ تہ سندس پيءُ دير تائين ٻتي ٻرندي ڏسي ڪاوڙ ڪندو هيو. مائوءَ جي رسول بخش پليجي صاحب وانگر رياضيءَ سان نہ لڳندي هئي.

مائو جڏهن 13 سالن جو ٿيو تہ سندس پيءُ اسڪول وڃڻ بند ڪري ڇڏيس. صرف ان ڪري تہ جيئن هو ڪيس سڄو ڏينهن زمين تي ڪم ڪرائي سگهي. مائو 13 سالن ۾ ئي ڳڀرو جوان ٿي ويو. تنهنڪري سندس پيءُ مائوءَ ڪان گهر ڪان زمين تائين وٺاڻ جي

ياڻ جون كاريون كٽائيندو هيو، جيكو ياڻ هو زمين ۾ وجهندا هئا. مائوءَ سان گڏ كتاب هوندو هيو. هو وچ ۾ گوهي كري كتاب پڙهڻ ويهي رهندو هيو. ان تي سندس پيءُ ڏاڍو كاوڙجندو هيس، پر مائو حيرت انگيز حد تائين گوبر جا تكڙا تكڙا چكر كٽي پوءِ اچي پڙهڻ ويهندو هيو، تنهنكري سندس پيءُ مار كري ويندو هيو. پر بقول مائوءَ جي ته سندس پيءُ هن جي كم مان كڏهن به مطمئن نه ٿيو.

هك دفعي مائوءَ جي پيءُ گهر ۾ آيل مهمانن جي روبرو، مائوءَ كي دڙكا ڏنا، تنهن تي مائو گهر ڇڏي هليو ويو. سندس ماءُ پيءُ كيس روكڻ لاءِ سندس كڍ لڳا. پر مائوءَ ڇا كيو جو هك پاٽيءَ جي تلاءَ جي كناري تي بيهي چيائين ته، "جيكڏهن كو ويجهو آيو ته آئون تلاءَ ۾ ٽپو ڏيندس." مائٽن كيس منٿون كيون ۽ واپس گهر وٺي آيا ۽ پوءِ ماءُ جي چوڻ تي ان شرط تي پنهنجي پيءُ كان معافي وٺڻ تي راضي ٿيو ته سندس پيءُ كيس مار نه ڏيندو.

مائو اڃان 13 سالن جو هيو ته كيس هك 19 سالن جي ڇوكريءَ سان پرڻايو ويو. اها چيني روايت به آهي ته ٻارن كي ننڍي عمر ۾ پرڻائيندا هئا. پر هن جي پيءُ كي ٻي لالچ هئي ته ان سان كيس زمين تي كم كرڻ لاءِ هك وڌيك مزدور ملي ويندو، پر مائوءَ هن شاديءَ كي كڏهن به قبول نه كيو ۽ پوءِ اها ڇوكري كنهن ٻي سان پرڻائي ڇڏيائون.

مائو اڃان 15 سالن جو هيو ته هن هك پمفليٽ ڏٺو ۽ پڙهيو، جنهن ۾ چين تي ڌارين جي قبضي بابت لكيل هيو. ان پمفليٽ ۾ كوريا ۽ تائيوان تي جاپان، برما ۽ ٻين علائقن ۾ فرانس، برطانيا ۽ ٻين ملكن جي مداخلت بابت مواد هيو. اُهو پڙهڻ كان پوءِ مائوءَ كي ملك جي سخت ڳڻتي ٿي. 30 سال پوءِ ان پمفليٽ جو ذكر كندي مائوءَ چيو ته، "اهو پمفليٽ پڙهڻ كان پوءِ آئون ملك جي مستقبل بابت پريشان ٿي ويس ۽ مون كي اهو احساس جاڳيو ته اسان مان هرهك جو فرض آهي ته هو ملك كي بچائڻ لاءِ كوششون وٺي." هن كي ان سموري كم لاءِ پڙهڻ جي ضرورت محسوس ٿي، جيكا سندس خواهش اڳي ئي هئي. پر ان پمفليٽ كي پڙهڻ كان پوءِ ان خواهش هك ضرورت جو روپ ورتو. هك ڏينهن هن پنهنجي خواهش جو اظهار پنهنجي پيءُ سان كيو. سندس پيءُ چيو ته، "هي هك بيوقوفاڻو خيال آهي. تون هاڻ جوان ٿي ويو آهين. ٻارن سان پڙهندي كو نه نهندين."

مائوءَ سوچيو ته هاڻ پيءُ جي مالي مدد كان سواءِ كجهه كرڻ گهرجي. هن پنهنجي مائٽن ۽ خانداني دوستن سان ملي كري كانئن ٿوري رقم مدد طور وٺڻ شروع كئي.

جڏهن سمجهيائين ته هاڻ پئسا ججها ٿي ويا آهن ته هڪ ڏينهن رات جي ماني تي پنهنجي پيءُ کي ٻڌايائين ته، ”مون تنگ شان (Tung Shan) پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٽن ڏينهن اندر آئون هتان هليو ويندس.“ سندس پيءُ طنز ڪندي پڇيس ته، ”تنهنجي اسڪالرشپ منظور ٿي آهي ڇا؟ يا تنهنجي لاٽري نڪتي آهي؟“ مائوءَ ورندي ڏنس ته، ”توهان پئسي لاءِ پريشان نه ٿيو. آئون توهان کان هڪ پئسو به خرچ ڪونه ڪرائيندس.“ سندس پيءَ تيز لهجي ۾ چيس، ”آئون پريشان ڪيئن نه ٿيان؟ جيڪڏهن تون گهر ڇڏي تنگ شان هليو ويندين ته مون سان گڏ زمين تي ڪم ڪير ڪندو؟ ان ڪم لاءِ مون کي مزدور ڪرڻو پوندو، ان جي مزدوري جا پئسا ڪٿان ايندا؟ آئون ته اهي پئسا پرڻ جي لائق نه آهيان.“ مائوءَ ان مسئلي تي سوچيو ئي ڪونه هيو، تنهنڪري هو لاجواب ٿي ويو. ٻئي ڏينهن هو پنهنجي هڪ مائٽ وٽ ويو، جيڪو تعليم جي سلسلي ۾ نوجوانن جي مدد ڪرڻ جي ڪري مشهور هيو. مائوءَ کيس پنهنجو مسئلو ٻڌايو ۽ هن کان ڪجهه رقم قرض طور ورتائين. شام جو پيءُ کان پڇيائين، ”هڪ مزدور جي مزدوري ڪيتري آهي؟“ سندس پيءُ جواب ۾ چيو، ”گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهيني جو هڪ ڊالر ـ ۽ اهي سال جا 12 ڊالر ٿين ٿا.“

مائوءَ 12 ڊالر ڳڻي پيءُ جي حوالي ڪيا ۽ چيائين، ”آئون سڀاڻي تنگ شان روانو ٿي ويندس.“ ٻئي ڏينهن هو تنگ شان روانو ٿي ويو. وڃڻ وقت ماءُ کانئس پڇيو، ”ڇا تون پنهنجي پيءُ کان موڪلائڻ زمين تي ويندين؟“ مائوءَ جواب ڏنو، ”نه.“ ماءُ وري پڇيس، ”توکي ڪنهن ٻي شيءِ جي ضرورت؟“ جواب ۾ مائوءَ چيو، ”نه، مون وٽ ضرورت جون سڀ شيون موجود آهن.“ وڌيڪ ڪجهه چوڻ ۽ الوداعي هٿ لوڏڻ کان سواءِ مائو گهر ڇڏي هليو ويو.

مائو جڏهن پهريون ڀيرو تنگ شان (Tung Shan) پرائمري اسڪول جي عمارت ڏٺي ته هو عمارت کان ڪافي متاثر ٿيو، ڇاڪاڻ ته هن اڳ اهڙي خوبصورت ۽ ايتري وڏي عمارت ڪانه ڏٺي هئي. هو پنهنجي همت گڏ ڪري عمارت ۾ داخل ٿيو. ٿورو اڳتي وڌيو ته چوڪيدار اچي روڪيس ۽ چيائينس ته، ”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ هل واپس!“ مائوءَ کيس چيو ته، ”آءٌ پڙهڻ لاءِ آيو آهيان.“ چوڪيدار کيس سخت لهجي ۾ چيو، ”نڪر ٻاهر!“ مائوءَ وري پڇيو، ”آئون ٻين ٻارن وانگر پڙهڻ ڇو نٿو وڃي سگهان؟“ ايتري ۾ ڪجهه ڇوڪرا به گڏ ٿي ويا. انهن مان هڪڙي چٽي چيو، ”تون ايترو وڏو آهين جو توکي پڙهڻ لاءِ يونيورسٽي وڃڻ گهرجي. هت ڇا ڪرڻ آيو آهين؟“ هڪ ٻئي ڇوڪري سندس سامان مان به ناول ڪڍي ورتا. (مائوءَ جي سامان ۾ صرف اهي ٻه ڪتاب ئي هئا) ناول ڪڍڻ

واري ڇوڪري ٺوڪ ۾ مائوءَ کي چيو، ”هٽ تہ اهڙن خراب ڪتابن پڙهڻ تي پابندي آهي.“ مائوءَ کين چيو تہ، ”آئون توهان کي هٿ ٿو ٻڌان تہ مهرباني ڪري هيڊ ماستر کي ٻڌايو تہ آئون ساڻس ملڻ چاهيان ٿو.“ ان تي چوڪيدار جواب ڏنس تہ، ”تو مون کي پاڻ جهڙو بيوقوف سمجهيو آهي ڇا؟ جو آئون تو جهڙي بيڪار قسم جي ماڻهن لاءِ هيڊ ماستر صاحب کي تڪليف ڏيندس!“ مائوءَ چيو، ”جيڪڏهن تون وڃي ڪيس مون بابت نہ ٿو ٻُڌائين تہ پوءِ آئون پاڻ سندس آفيس ۾ هليو ويندس.“ چوڪيدار چيس، ”اهڙي تہ همت ڪري ڏس تہ خبر وٺانءِ!“ همراهہ جيئن ئي وڃڻ لاءِ سامان کڻڻ لڳو تہ چوڪيدار ڪيس دڙڪا ڏيڻ لڳو ۽ ڇوڪرن بہ گوڙ ڪيو. ان آواز تي هيڊ ماستر ٻاهر نڪري آيو ۽ پڇيائين، ”ڇا مسئلو آهي؟ ڇو گوڙ ڪيو اٿوَ؟“ چوڪيدار يڪدم چيو تہ، ”سائين! هي جاهل زبردستي اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ چوي ٿو تہ توهان سان ملڻ آيو آهي.“ مائوءَ هيڊ ماستر ڏانهن وڏي انتهائي احترام سان چيو، ”سائين! آئون اوهان جي اسڪول ۾ پڙهڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري مون کي داخلا ڏني وڃي.“ هيڊ ماستر، چوڪيدار کي چيو، ”هن کي منهنجي آفيس ۾ وٺي اچ.“ هيڊ ماستر ائين چئي پنهنجي آفيس ڏانهن هليو ويو، پر مائو ۽ چوڪيدار هڪ دفعو ٻيهر ڳنڍجي پيا. مائوءَ چاهيو پئي تہ هو پنهنجو سامان پاڻ سان گڏ آفيس ۾ کڻي وڃي، جڏهن تہ چوڪيدار جو چوڻ هيو تہ هن کي سامان آفيس ۾ کڻي وڃڻ ڪونہ ڏيندو، تنهنڪري ڪيس سامان ٻاهر رکي وڃڻو پوندو. نيٺ مائوءَ سامان ٻاهر وراندي جي ڪنڊ ۾ رکي هيڊ ماستر جي آفيس ۾ هليو ويو. مائو جيئن آفيس ۾ داخل ٿيو تہ پويان ڇوڪرا سندس سامان کولي هن جا ٻئي ڪتاب کڻي هليا ويا ۽ ٻيو سامان ائين وکريل حالت ۾ ڇڏي ويا. خير، مائو جيئن آفيس ۾ داخل ٿيو تہ هيڊ ماستر سوال ڪيس، ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟“ مائوءَ جواب ڏنو، ”سائين! منهنجي عمر صفا ننڍڙي آهي، صرف 15 سال.“ ان تي هيڊ ماستر چيو، ”پر لڳين تہ سترنهن، ارڙنهن سالن جو ٿو؟“ مائوءَ جواب ۾ چيو، ”نہ، سائين! منهنجي عمر تہ صرف 15 سالن کان بہ ٽي مهينا وڌيڪ آهي.“ هيڊ ماستر ٻيو سوال ڪيو، ”ڇا تون پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول ۾ پڙهيو آهين؟“ مائوءَ جواب ڏنو، ”ها سائين! آئون بہ سال ڳوٺ واري اسڪول ۾ پڙهيو آهيان ۽ آئون ناول بہ پڙهي ويندو آهيان.“ هيڊ ماستر وري سوال ڪيو، ”ڇا تون اسڪول جي ڪورس جا ڪتاب پڙهي ويندو آهين؟“ مائوءَ چيو، ”نہ سائين مون اهي نہ پڙهيا آهن.“ هيڊ ماستر ٻيو سوال ڪيو، ”ڇا تون ٻين ڪلاسن جا ڪتاب پڙهي ويندو آهين؟“ مائوءَ چيو، ”سائين! انهن مان اڪثر منهنجا پڙهيل آهن، پر ڪجهہ لفظن جي معنيٰ مون کي سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي.“ هيڊ ماستر ٻيو سوال ڪيو،

”چا توکي تاريخ، حساب ۽ جاگرافي اچي ٿي؟“ مائوءَ چيو، ”نہ سائين! اهي مون پڙهيا ئي نہ آهن.“ پوءِ هيڊ ماستر ڪجھ لکڻ لاءِ ويٺو. مائوءَ جا اکر صفا ڪچا هئا ۽ نہ سمجھ ۾ ايندڙ هئا. آخر ۾ هيڊ ماستر چيو تہ، ”توکي اسان داخلا نہ ٿا ڏيئي سگھون، ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ ٻارن جا شروعاتي ڪلاس نہ هلندا آهن. ٻيو تہ تون ڏسڻ ۾ وڏو آهين ۽ اسان وٽ ننڍڙا ٻار پڙهندا آهن.“ مائوءَ ڪيس ايلاز ڪندي چيو، ”سائين! آئون پڙهڻ چاهيان ٿو، مهرباني ڪري مون کي داخلا ڏيو.“ هيڊماستر چيو، ”تون هتي وارا ليڪچر سمجھي ڪونہ سگھندين.“ ايتري ۾ هڪ ٻيو استاد آفيس ۾ داخل ٿيو. هو ٻاهران ئي هيڊ ماستر ۽ مائوءَ جي گفتگو ٻُڌي رهيو هيو، تنهنڪري هو مائوءَ جي پڙهڻ جي شوق کان ڪافي متاثر ٿيو. هن تجويز ڏني تہ مائوءَ کي پنجن مهينن لاءِ داخلا ڏني وڃي، ان عرصي دوران هن پاڻ کي ليڪچر سمجھڻ جي لائق بنايو تہ ڪيس مستقل داخلا ڏني ويندي، ٻيءَ صورت ۾ سندس داخلا ختم ڪئي ويندي. نيٺ هيڊ ماستر ان تجويز تي راضي ٿيو ۽ مائوءَ کي عارضي داخلا ملي. مائوءَ محنت ڪري ثابت ڪيو تہ هو ان داخلا جي لائق هيو، تنهنڪري پنجن مهينن کان پوءِ ڪيس مستقل داخلا ڏني ويئي.

مائوءَ جي سئوٽ، مائوءَ کي ٻہ ڪتاب ڏنا هئا. اهي ڪتاب 1898ع وارن نوَن سڌارن بابت هئا. مائو اهي شوق سان پڙهندو هيو. مائو ان وقت بادشاهي نظام کي سٺو سمجھندو هيو. بقول سندس، ”ان وقت آئون سمجھندو هئس بادشاهہ وزير ۽ ٻيا آفيسر ذهين ۽ ايماندار ماڻهو آهن.“ مائو پنهنجي دوست ايمي سيائو (Emi Siao) کان هڪ ڪتاب ورتو، جنهن جو نالو هيو Great People of World (دنيا جا عظيم انسان). ٻن ڏينهن کان پوءِ، مائوءَ ڪيس ڪتاب واپس ڪيو، پر ڪتاب جي اهم ڳالهين هيٺيان ليڪا پاتل هئا. ان کان علاوه مختلف واقعن ۽ ماڻهن بابت مائوءَ جا تاثرات پڻ لکيل هئا. مائوءَ ڪتاب واپس ڪندي دوست کي چيو، ”اسان کي انهن کان ٻہ وڌيڪ وڏن ماڻهن جي ضرورت آهي، اسان کي انهن متعلق پڙهڻو پوندو، انهن کان سکڻو پوندو، تہ جيئن چين کي هڪ مضبوط ۽ خوشحال ملڪ بڻائي سگھون.“

انهن ڏينهن ۾ صوبائي دارالحڪومت ”چانگ شا“ ۾ مظاهرو ٿيو. مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙ ماڻهن کي گرفتار ڪري سندن سِر ڪَٽي شهر جي چوڪن تي ٽنگيا ويا، تہ جيئن ماڻهو ان مان عبرت حاصل ڪن ۽ حڪومت کان خوفزده رهن. مائو ۽ سندس دوست ان مظاهري ۽ حڪومتي عمل متعلق بحث مباحثا ڪندا هئا. مائوءَ کي حڪومت تي سخت ڪاوڙ هئي.

هڪ دفعي مائو نئين سال جي موقعي تي گهر آيو. هن جي پيءُ ڪيس ڪجھ ماڻهن جا نالا ٻڌائي چيو تہ هنن وٽ چانورن جا پئسا رهيل آهن، اهي وٺي اچ. مائوءَ اهي پئسا وٺي واپسي مهل غريبن ۾ ورهائي ڇڏيا.

مائوءَ ڪي چين جي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل هڪ ناول تمام گهڻو وڻندو هيو. مائو ان ڪي لفظ بہ لفظ صحيح سمجهندو هيو. هڪ ڏينهن تاريخ جي استاد ڪلاس ۾ چيو تہ اهو ناول تاريخي پس منظر ۾ ضرور لکيل آهي، پر ان ڪي تاريخ نہ ٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڪافي ڳالهيون وڌائي پيش ڪيل آهن. مائوءَ ان ڳالھ تي اعتراض ڪيو. سندس راءِ هئي تہ اهو ناول اصلي ۽ حقيقي تاريخ آهي. ڪافي بحث مباحثي ڪان پوءِ بہ مائوءَ استاد جي ڳالھ تسليم ڪانہ ڪئي ۽ وڃي هيڊ ماستر ڪي دانهن ڏنائين. هيڊ ماستر پاڻ بہ تاريخ جو وڏو ڄاڻو هيو. ان تاريخ تي بہ ٽي ڪتاب بہ لکيا هئا. ان ڪيس چيو تہ استاد جي ڳالھ صحيح آهي. مائو پوءِ وري شهر جي ميئر ڏانهن استاد ۽ هيڊ ماستر خلاف درخواست لکي، سمورن شاگردن ڪي گڏ ڪري، ڪين درخواست تي صحيح ڪرڻ لاءِ چيو، پر ڪوبہ شاگرد ان درخواست تي صحيح ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ان ڳالھ جي ڪري مائو ڇوڪرن تي ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ ڪين دڙڪا ڏنائين. انهن مان هڪ شاگرد جيڪو مائوءَ جو دوست بہ هيو، ان همت ڪري چيو، "تاريخ جو استاد ۽ هيڊ ماستر توڪان وڏيل پڙهيل ۽ سمجهدار آهن. تون انهن جي ڳالھ ڇو نٿو مڃين؟" مائوءَ ان شاگرد ڪي گهڻ وڏ ڳالهايو ۽ هڪ ڪرسي کڻي ان ڏانهن اڇلي. خوش قسمتيءَ سان اها ڪرسي ان ڇوڪري ڪي لڳي ڪانہ. ڇوڪري ڪيس چيو تہ، "آئون هيڊ ماستر ڪي دانهن ڏيندس." مائوءَ ڪيس چيو تہ، "ڀلي وڃي دانهن ڏي. پر هڪڙي ڳالھ ٻڌي ڇڏ، جي تو ائين ڪيو تہ آئون توڪي قتل ڪري ڇڏيندس." ان واقعي جي ڪري اسڪول اندر استادن ۽ شاگردن وٽ مائوءَ جي ساک ڪي ڪافي نقصان رسيو.

1911ع ۾ مائو تقريبن 18 سالن جو هيو تہ هن پنهنجي گهر ڪان 40 ڪلوميٽر پري صوبائي دارالحڪومت "چانگ شا" جي سيڪنڊري اسڪول ۾ داخلا وٺڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ استاد ڪيس خط لکي ڏنو. هو اهڙو خط کڻي داخلا ملڻ بابت انديشن ۽ وسوسن سان اسڪول پهتو، پر جڏهن ڪيس داخلا ملي تہ هو نہ صرف خوش ٿيو، پر ڪيس ڪافي حيرت بہ ٿي.

اتي هن ڪي "عوامي طاقت" نالي اخبار پڙهڻ جو موقعو مليو. اها اخبار مانچو گهراڻي جي شهنشاهيت خلاف، ڊاڪٽر سن يات سين جي 12 ـ 1911ع ڌاري واري عوامي جدوجهد جي ترجمان هئي. ان اخبار مائوءَ ڪي ايترو تہ اتساهيو جو هن جوش ۾ اچي ان

بغاوت جي حمايت ۾ هڪ آرٽيڪل لکيو ۽ اهو آرٽيڪل هن اسڪول جي ديوار تي لڳائي ڇڏيو. بقول مائوءَ جي، "اهو سندس پهريون سياسي اظهار هيو."

مائوءَ جي "چيانگ شا" اچڻ کان پوءِ جلد "ووهان" ۾ مانچو شهنشاهيت خلاف زبردست عوامي بغاوت شروع ٿي. ان بغاوت جا حامي نمائندا مائوءَ جي اسڪول ۾ به آيا، انهن اتي تقريرون ڪيون ۽ شاگردن ۾ انقلابي فوج ۾ شامل ٿيڻ جو جذبو جاڳايو. مائوءَ پنهنجي ڪجھ دوستن سان گڏجي انقلابي فوج ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ووهان ويو، پر ڪجھ سببن جي ڪري انهن کي انقلابي فوج ۾ شامل نه ڪيو ويو، تنهنڪري واپس "چانگ شا" موٽي آيا.

22 آڪٽوبر 1911ع تي مائوءَ "چانگ شا" تي عوامي فوج جو قبضو ٿيندي ڏٺو. باغي فوج ريلوي لائين سان آئي، شهر جي ٻاهران زبردست جنگ لڳي ۽ شهر جي اندر به بغاوت ٿي. آخرڪار باغين شهر جا دروازا پٽجي پوري شهر تي قبضو ڪري ورتو. مائوءَ هڪ جبل تي چڙهي اها جنگ پئي ڏٺي. نئين حڪومت جو قيام عمل ۾ اچي ويو، پر اها نئين حڪومت گهڻا ڏينهن نه هلي سگهي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مائوءَ نئين مقرر ٿيل گورنر ۽ نائب گورنر جا لاش شهر جي گهٽين ۾ ڏٺا. شهنشاهه اڃان تخت نه ڇڏيو هيو، تنهنڪري مائوءَ انقلاب کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ انقلابي فوج ۾ داخل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. اتي هن فوج جي تربيت حاصل ڪئي. اتي جڏهن فوج هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ويندي هئي ته مائوءَ کي آفيسرن جا بسترا ۽ ڪپڙن جو پيتيون ڪلهيون کڻيون پونديون هيون. بقول مائوءَ جي، اتي سندس پگهار 7 ڊالر هئي، جنهن مان هو 2 ڊالر ماني تي خرچ ڪندو هيو. ان کان علاوه ڪيس پاڻي به خريد ڪرڻو پوندو هيو، چاڪاڻ ته پاڻي شهر کان گهڻو پري وڃي ڀري اچڻو پوندو هيو. ٻيا سپاهي اتان ڀري ايندا هئا. جڏهن ته مائو پاڻي خريد ڪندو هيو. مائو پنهنجي باقي بچيل پگهار مان اخبار پڙهڻ جي "عياشي" ڪندو هيو. اخبار جو ڪو صفحو ته نهيو پر هڪ لفظ به نه ڇڏيندو هيو ۽ سڄي اخبار شروع کان آخر تائين پڙهندو هيو. ان عادت مان مائوءَ کي تازي ملڪي صورتحال، سياسي ۽ سماجي صورتحال بابت ڄاڻ ملندي هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ مائوءَ سوشلزم متعلق پنهنجو پهريون آرٽيڪل اخبار ۾ ڇپرايو. توڙي جو اهو مضمون ڪو سنو مضمون نه هيو، پر ان جي ڇپجڻ تي مائو ڏاڍو خوش ٿيو هيو. پوءِ هن اتي سپاهين سان سوشلزم متعلق ڪچهريون شروع ڪيون، پر صرف هو ٻن ڄڻن کي ان ڳالھ تي سهمت ڪري سگهيو ته انسان ذات جي ڇوٽڪاري لاءِ سڀ کان سنو نظام سوشلزم ئي آهي.

ڇهه مهينا فوج ۾ رهڻ کان پوءِ مائوءَ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ سندس خيال هيو تہ باغي فوج شهنشاهيت کي تخت تان تہ لاهي سگهي ٿي، پر ان وٽ مقامي وڏيرن کي شڪست ڏيڻ جيتري قوت نہ آهي، تنهنڪري هن ڪتابن ڏانهن واپس ورڻ کي ترجيح ڏني.

مائوءَ فوج جي نوڪريءَ مان هڪڙي ڳالهه سکيو تہ زرعي معاشري ۾ هڪ ڪامياب انقلاب آڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ هارين کي هٿياربند ڪيو وڃي. فوج جي نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ مائوءِ هڪ سال تائين ايئن ئي بي مقصد صوبائي دارالحڪومت ۾ گذاريو. تن ڏينهن ۾ سندس محبوب مشغلو اخبارن ۾ مختلف اسڪولن جي اشتهارن کي پڙهي انهن ۾ داخلا لاءِ فارم پرڻ هيو. هن ڪيترن ئي اسڪولن جا فارم پريا پر ڪيس ڪوبہ اسڪول پسند نہ آيو. نيٺ مائوءَ هڪ اهڙي اسڪول ۾ داخلا ورتي، جتي خاص طرح تاريخ پڙهائيندا هئا. مائو ان اسڪول ۾ صرف ڇهه مهينا رهيو. ڇهن مهينن کان پوءِ هن اهو اسڪول ڇڏي ڏنو. سندس چوڻ موجب، هن اسڪول جو ڪورس تمام محدود هيو، اتي قانون بہ سخت هئا. تنهنڪري هن بهتر سمجهيو تہ پنهنجي سر پاڻ پڙهڻ سان ماڻهو وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري سگهندو. ان عرصي دوران 13 ـ 1912ع جي سياري ۾ مائو روزانو صبح جو سوير هونان صوبائي لائبريري ويندو هيو ۽ بقول مائوءَ جي ان وچ ۾ منجهند جو صرف بہ ڪيڪ وٺي کائڻ جيترو وقفو ڪندو هيو ۽ اهو ئي سندس مانجهاندو هوندو هيو.

مائو اتي شهر ۾ هڪ هاسٽل ۾ رهندو هيو، جنهن ۾ ڪاڏو سستو هيو، پر ٻي مصيبت اها هئي جو ان ۾ فوجي اڇي رهندا هئا. هڪ دفعي تمام وڏو جهيڙو ٿيو. مائو اٽڪل سان غسل خاني ۾ وڃي لڪو ۽ جيستائين اهو جهيڙو ختم نہ ٿيو، تيستائين اتي ئي لڪو رهيو.

اهو وقت مائوءَ جي ذهني اوسر جي حوالي سان تمام گهٽو لاپائتو عرصو هيو. بقول مائوءَ جي تہ، هن پهريون ڀيرو 18 سالن جي عمر ۾ دنيا جو نقشو انتهائي شوق ۽ سنجيدگيءَ سان پڙهيو، ان کان سواءِ ان عرصي دوران مائو چارلس ڊارون جو ڪتاب The Origin of Species، آدم سمٿ جو ڪتاب The Wealth of Nation، جان اسٽيوارٽ جو ڪتاب The System of Logic، هربرٽ اسپنر جو ڪتاب The Study of Sociology، روسو جو ڪتاب The Social Contract، ٽي ايچ هڪسلي جو ڪتاب Evolution of Ethics ۽ ٻين وڏن دانشورن، فلاسافرن ۽ عالمن جا ڪتاب پڙهيا. ان کان سواءِ هن شاعري، افسانا، روس، آمريڪا، انگلينڊ، فرانس ۽ ٻين ملڪن جي تاريخ ۽ جاگرافي بہ تمام گهڻي شوق سان پڙهي.

مائوءَ جي ايتري علم حاصل ڪرڻ جي باوجود بہ سندس پيءُ ڪي ايئن ئي ”بي مقصد“ پڙهڻ واري ڳالھ نہ وڻي ۽ هن سندس پئسا بند ڪري ڇڏيا. تنهنڪري مائوءَ ڪي هاسٽل ڇڏڻي پئي ۽ هن رهڻ لاءِ هڪ سستي جڳھ هٿ ڪئي. ان عرصي ۾ مائو پنهنجي پيشي بابت سنجيدگيءَ سان سوچڻ شروع ڪيو. هن فيصلو ڪيو تہ استاد ٿيڻ ئي هن لاءِ هڪ مناسب پيشو آهي. تنهنڪري هن اخبارن ۾ اشتهار ڏسڻ شروع ڪيا. نيٺ هڪ اسڪول ۾ استادن جي ٽريننگ جو اشتهار ڏسي اتي داخلا وٺڻ جو فيصلو ڪيائين. اتي داخلا لاءِ مضمون لکي ڏيڻو پوندو هيو ۽ جن اميدوارن جو مضمون بهتر هوندو هيو، انهن ڪي داخلا ملندي هئي. مائوءَ جي ٻين دوستن بہ اتي داخلا وٺڻ لاءِ مائوءَ ڪي چيو تہ ڪين مضمون لکي ڏي. اهڙيءَ ريت مائوءَ پنهنجي ٻن دوستن ۽ پنهنجي لاءِ مضمون لکيا. ٽيئي مضمون پاس ٿي ويا ۽ ٽنهي ڪي داخلا ملي ويئي. مائو ان اسڪول ۾ پنج سال پڙهيو. اتي هو اخبارون تمام گهڻيون پڙهندو هيو. اتي آچر جي ڏينهن هر شاگرد ڪي رات جي ماني پاڻ گرم ڪري ڪائڻي پوندي هئي. چاڪاڻ تہ رڌڻي ۾ ڪم ڪندڙ عملو موڪل تي هليو ويندو هيو. مائو اڪيلو شاگرد هيو، جيڪو ماني گرم ڪرڻ تي وقت وڃائڻ بدران ٿڌي ماني ڪائي ڇڏيندو هيو. اسڪول پاران هر شاگرد ڪي نيري رنگ جي هڪ يونيفارم ڏني ويئي هئي. مائو اها يونيفارم ڪيترن سالن تائين استعمال ڪئي. آخر ۾ ڪيترن هنڌن تان ڦاٽي پيئي ۽ ان ۾ ٽنگ ٿي پيا. تنهن هوندي بہ مائو ان ڪي استعمال ڪندو رهيو. ان ڪان سواءِ مائو پوري رنگ جو گائون استعمال ڪندو هيو. سياري ۾ ان جي هينيان جيڪٽ پائيندو هيو، جيڪو سڄو سال هن ڪي پاتل هوندو هيو. مائوءَ ڪڏهن بہ جوراب استعمال نہ ڪيا. سندس بوٽ اڪثر ڦاٽل هوندو هيو. مائو روزانو صبح جو سوير وهنجي سهنجي ڪلاس روم ۾ هليو ويندو هيو ۽ دير تائين پڙهندو رهندو هيو. لائبريري بند ٿيڻ ڪان پوءِ هاسٽل ۾ چانھ پيئڻ واري هال ۾ يا ورانڊي ۾ ويهي پڙهندو هيو، چاڪاڻ تہ اتي سڄي رات روشني هوندي هئي.

اها مائوءَ جي خاص عادت هوندي هئي تہ شهرن، علائقن يا ماڻهن جا جيڪي نوان نالا پڙهندو هيو، انهن جي صحيح تلفظ جي ادائيگي ڪرڻ ۽ تاريخ جي مختلف ڪتابن مان انهن بابت تفصيل هٿ ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندو هيو ۽ پوءِ انهن ڪي هڪ ڪاپيءَ تي لکي ڇڏيندو هيو. هو جيڪو بہ ڪتاب پڙهندو هيو، ان جي خاص ڳالهين بابت پنهنجا تاثر ڪتاب جي حاشئي ۾ لکي ڇڏيندو هيو. جيڪي ڳالهيون ڪيس سمجھ ۾ نہ ايندڀون هيون، ان بابت سوال لکي ڇڏيندو هيو. اسڪول ۾ سياسي پارٽين، نعريبازي، موسيقي، غيرقانوني گڏجاڻين ۽ ٻين اهڙي قسم جي ڪمن تي پابندي هئي. مائوءَ ڪي اهي

پابنديون بلڪل نہ وڻنديون هيون، ڇاڪاڻ تہ هو انهن پابندين کي پنهنجي آزاديءَ ۾ رڪاوٽ سمجهندو هيو. ان ڪان سواءِ ڪيس فطرتي سائنس جي سبجيڪٽس ۾ دلچسپي گهٽ هئي. بقول مائوءَ جي تہ، هو سماجي سائنس جي سبجيڪٽس ۾ مهارت حاصل ڪرڻ چاهيندو هيو ۽ هن کي فطرتي سائنس جا سبجيڪٽ بلڪل نہ وڻندا هئا، تنهنڪري هو اهي گهٽ پڙهندو هيو ۽ انهن سبجيڪٽس ۾ مارڪون بہ هن کي گهٽ ملنديون هيون. مائوءَ جي هڪ استاد ٻڌايو تہ هن جي رياضي Mathematics بلڪل خراب هئي. هڪ دفعي هو Math جي پيپر ۾ هڪ لفظ لکڻ ڪان سواءِ خالي ڪاپي ڇڏي آيو. ڊرائنگ ڪان تہ مائوءَ کي نفرت هئي، پر سماجي سائنس جي سبجيڪٽس ۾ سندس مارڪون تمام بهترين هونديون هيون. اهوئي سبب آهي جو سندس مارڪون 70 يا 80 سيڪڙو تائين هونديون هيون. مائوءَ ٻڌايو تہ هو قاعدن قانونن جي پيچڪڙي ڪندو هيو، پر پرنسپال ڪيس ڪڍڻ نہ چاهيندو هيو، ڇاڪاڻ تہ هن جي پڙهائيءَ جو نتيجو تمام بهترين هوندو هيو.

مائوءَ ٻڌايو تہ هو ڪڏهن بہ ڪاليج نہ ويو ۽ نہ ئي هن ڪڏهن ملڪ ڪان ٻاهر تعليم حاصل ڪئي، تنهنڪري سندس تعليم جا بنياد انهيءَ اسڪول ۾ پيا. ان اسڪول جو نالو First Normal School هيو. جڏهن بہ ڪو ٻيو ڳالهائيندو هيو تہ مائو ڪيس انتهائي خاموشيءَ سان ٻڌندو رهندو هيو. جڏهن ڳالهائيندڙ پنهنجي ڳالهہ ختم ڪندو هيو تہ پوءِ مائو ان جي ڳالهہ جا اهم نقطا ڪٺي هڪ ترتيب سان انهن تي انتهائي مختصر لفظن ۾ پنهنجي راءِ پيش ڪندو هيو. هن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪان پوءِ شيون بلڪل واضح ٿي پونديون هيون. مائو ڪڏهن بہ نتيجن جي پرواهہ نہ ڪندي غير ذميوارانہ انداز ۾ نہ ڳالهائيندو هيو ۽ نہ ئي هو ڪڏهن موضوع ڪان هٽي ڪري ڊگهي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو عادي هيو.

ان وقت جو نوٽ بڪ، جيڪو مائوءَ جي پنهنجن اکرن ۾ لکيل آهي، اهو اڄ بہ محفوظ آهي. ڏهہ سال پوءِ جڏهن هو روپوشيءَ واري زندگي گذاري رهيو هيو، ان وقت سندس گهر کي باهہ ڏني ويئي، پر اهو ڪتاب اتفاق سان بچي ويو. ان ۾ مائوءَ جا ڪيترائي قول ۽ ڪتابن مان ڪڍيل ٽڪرا لکيل آهن. ان مان مائوءَ جي ذهني اوسر جي خبر پوي ٿي. مثال طور ان ۾ لکيل آهي، ”جڏهن بہ ڪو زهريلو نانگ ڪنهن بهادر ماڻهوءَ جي هٿ کي ڏنگ هڻندو آهي تہ هو پنهنجو اهو هٿ ڪپي اڇلائي ڇڏيندو آهي.“ ٻئي هنڌ لکيل آهي، ”سُستي سمورين بڇڙاين جو بنياد آهي. سُست قومن ۾ پهريائين ترقيءَ جي رفتار گهٽبي آهي، پوءِ اها رُڪجي ويندي آهي. پوءِ تباهيءَ جي شروعات

ٽيندي آهي ۽ آخرڪار سُست قومون تباهه ٿي وينديون آهن. نوجوان ماڻهن کي ڦڙت هئڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ سُستي زندگيءَ جي قبر آهي.“

مائوءَ تي اسڪول جي ڏينهن ۾ سندس هڪ استاد پروفيسر يانگ چيانگ چي جو تمام گهڻو اثر هيو. اهو پروفيسر ”چيانگ شا جو ڪنفيوشس“ جي نالي سان مشهور هيو. هو هڪ مضبوط ڪردار جو مالڪ هيو. هن جا شاگرد هن کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا. ايتري حد تائين جو ڪافي شاگرد اسڪول ٽائيم کان پوءِ بہ سندس رهائشگاهه تي وڃي ساڻس ڏِگهيون ڪچهريون ڪندا هئا.

●●●

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب

**Sindhi Awami e-Books**